

# استقبالِ ماهِ رمضان

02-May-2019

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ ڪان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# استقبالِ ماهِ رمضان

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرت سَيِدُنا شيخ اَحمد بن مَنْصُور رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جڏهن فوت ٿيا ته شيراز وارن مان ڪنهن خواب ۾ ڏٺو ته پاڻ مٿي تي موتين جو تاج سجائي بهترين حلو )يعني جنّتي لباس) پائي شيراز جي جامع مسجد جي محراب ۾ بينا آهن، خواب ڏسڻ واري حال احوال معلوم ڪيائين ته فرمايائون :"الله پاڪ مون کي بَخشي ڇڏيو، ڪرم فرمايو ۽ تاج پارائي جنَّت ۾ داخِل ڪيو-" پڇيو ويو: ڪهڙي سبب؟ فرمايائون: "مان تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان دُرُوْدِ پاڪ پڙهندو هئس اهو ئي عَمَل ڪم اچي ويو- " اَلْحَمْدُ لِلّٰه رَبِّ العٰلَمِين- (القولُ الْبَدِيع ص۲۵۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ ڪان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل ڪان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندَس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندَس

۞ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ۞

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهہ ٻُڌندَس،ان کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون ! تمام جلد رَمَضَانُ المُبَارَڪ جو خوبصورت مهينو پنهنجي دامن ۾ رحمتن ۽ مَغفرتن ۽ جهنم کان آزادي جو پروانو کڻي اسان جي وچ ۾ جَلوَه گر ٿيڻ وارو آهي - هي اهو مهينو آهي جنهن ۾ رحمتون ۽ برڪتون پنهنجي عروج تي هونديون آهن، هن مقدس مهيني جو هر هر لمحو، هر هر پل، هر هر ساعت ۽ هر هر گهڙي رحمت ڀري آهي- هن مهيني ۾ اَجر ۽ ثَواب گهڻو وڌي ويندو آهي، نَفل جو ثواب فَرض جي برابر ۽ فَرض جو ثواب ستّر (70) ڀيرا وڌايو ويندو آهي- الله پاڪ اسان کي هن مُبارڪ مهيني جو خوب خوب فيضان ماڻڻ جي توفيق عطا فرمائي-

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اي ڪاش! اسان سمورا روزا ظاهري ۽ باطني آداب سان گڏ رکڻ ۽ خشوع ۽ خضوع سان فرض نمازون، نفل ۽ پوري تراويح جي نماز ادا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، تلاوتِ قرآنِ ڪريم جو خوب جذبو نصيب ٿي وڃي- اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ اڄ اسان استقبالِ ماهِ رمضان بابت ئي ڪجهہ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنديون سين- اي ڪاش! سڄو بيان چڱين چڱين نيتن ۽ مڪمل توجهہ سان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي- اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى الله تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اڄو !سڀ کان پهريان رمضان المبارڪ ۾ نيڪين جي ترغيب تي مشتمل اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو ايمان افروز خطبو ٻڌون ٿيون ۽ خُوب خُوب نيڪيون ڪري رمضان المبارڪ کي خوش آمديد چوڻ جي نيت ڪريون ٿيون،

## اِستِقبالِ رَمَضَان بابت نصيحت ڀريو خطبو

منقول آهي ته جڏهن رمضان المبارڪ ايندو هو ته امير المومنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پهرين رمضان المبارڪ جي رات نماز مغرب کان پوءِ ماڻهن کي نصيحت ڀريو خطبو ڏيندي ارشاد فرمائيندا هئا: اي انسانو! ويهي رهو، بي شڪ هن مهيني جا روزا توهان تي فرض ڪيا ويا آهن، جڏهن ته هن ۾ نفلن جي ادائيگي فرض نه آهي، تنهنڪري جيڪو به نفل ادا ڪرڻ جي استطاعت رکندو هجي ته ان کي گهرجي ته هو نفل ادا ڪري چوته هي اهي بهترين نفل آهن جنهن جي باري ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو آهي ۽ جيڪي نفل جي ادائيگي جي اِستطاعت نٿا رکن انهن کي گهرجي ته سمهي رهن- توهان مان هر ٻانهو هي چوندي ڊڄي ته جيڪڏهن فلاڻو شخص روزو رکندو ته مان روزو رکندس، ۽ جيڪڏهن فلاڻو شخص نفل ادا ڪندو ته مان به نفل پڙهندس- جيڪو به روزو رکي يا نفل ادا ڪري ته الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪري- توهان مان هر شخص کي اها ڳالهه معلوم هئڻ گهرجي ته جيستائين هو نماز جي انتظار ۾ هوندو آهي حقيقت ۾ نماز ئي ۾ هوندو آهي- پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ 3 ڀيرا هي ارشاد فرمايو: أَلاَ لاَ يَتَقَدَّمَنَّ الشَّهْرَ مِنْكُمْ أَحَدٌ يعني خبردار! توهان مان ڪو به هن مبارڪ مهيني کي فضول نه گذاري. (مصنف عبدالرزاق، کتاب الصيام،باب قيام رمضان، ۲۰۴/۴، حديث:۷۷۷۸ ملتقطاً)

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه رمضان المبارڪ جي آمد تي خوشي ۽ مَسَرَّت جو اظهار ڪرڻ، ربّ ڪريم جي هن عظيم نعمت تي شُڪر جو اظهار ڪرڻ ۽ هن مغفرت واري مهيني جي عظمت ۽ اَهمّيت کي اُجاگر ڪرڻ جي لاءِ هڪ تمام خوبصورت ۽ پيارو ڪلام لکيو آهي:

## مرحبا صد مرحبا!

مرحبا صد مرحبا پھر آمدِ رَمضان ہے — کھل اُٹھے مرجھائے دل تازہ ہوا اِیمان ہے
یاخُدا ہم عاصیوں پہ یہ بڑا اِحسان ہے — زِندَگی میں پھر عطا ہم کو کیا رَمضان ہے
تجھ پہ صَدْقے جاؤں رَمضاں! تُو عَظیمُ الشّان ہے — تجھ میں نازِل حق تعالیٰ نے کیا قرآن ہے
اَبرِ رَحمت چھا گیا ہے اور سَماں ہے نُور نُور — فَضْلِ ربّ سے مَغْفِرَت کا ہو گیا سامان ہے
ہر گھڑی رَحْمت بھری ہے ہر طرف ہیں بَرَکتیں — ماہِ رَمضاں رَحمتوں اور بَرَکتوں کی کان ہے
آگیا رَمضاں عبادت پر کمر اب باندھ لو — فیض لے لو جلد یہ دِن تیس کا مہمان ہے
عاصیوں کی مغفرت کا لے کر آیا ہے پیام — جُھوم جاؤ مُجْرِمو! رَمضاں مہِ غُفران ہے
یاالٰہی تُو مدینے میں کبھی رَمضاں دِکھا — مُدّتوں سے دِل میں یہ عطّار کے اَرمان ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيِدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ايمان افروز خطبي مان اهو واضح ٿئي ٿو ته پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ رمضان المبارڪ جي اهميت ۽ فضيلت سان ڪيتري قدر واقف هئا ۽ هن نُوراني مهيني ڪان ڪيتري والهانه عقيدت ۽ محبت ڪندا هئا، انڪري جيئن ئي هي مبارڪ مهينو جلوه گر ٿيندو هو ته نه صرف پاڻ نيڪين ۾ مشغول ٿيندا هئا بلڪ مسلمانن ۾ عبادت جو ذوق ۽ شوق بيدار ڪرڻ جي لاءِ انهن کي به هن مقدَّس مهيني ۾ اخلاص سان ۽ ڪثرت سان نفلي عبادت جي ترغيب ڏياريندا هئا ۽ آمدِ رمضان جي پُرنور موقعي تي چراغان جي ذريعي مسجدن کي روشن ڪرڻ به پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي مبارڪ معمولات ۾ شامل هو جيئن ته حضرت سيدُنا ابو اسحاق همداني رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: امير المؤمنين حضرت سَيدُناعلي المرتضيٰ، شيرخدا کَرَّمَ اللہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْکَرِیم رَمضانُ المبارڪ جي پهرين رات (First Night)باهر نڪتا ته ڏٺائون ته مسجدن تي فانوس چمڪي رهيا آهن ۽ ماڻهو ڪتابُ الله جي تلاوت ڪري رهيا آهن- هي ڏسي پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن ارشاد فرمايائو: نَوَّرَاللّٰهُ لِعُمَرَ فِیْ قَبْرِهٖ كَمَا نَوَّرَ مَسَاجِدَ اللّٰهِ بِالْقُرْآنِ يعني الله عَزَّوَجَلَّ اميرالمؤمنين حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي قبر کي ائين ئي منوَّر ڪري جيئن پاڻ

رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ (رمضانُ المبارڪ ۾) مسجدن کي قرآن سان منوَّر ڪيو- (فيضان فاروق اعظم،۱/۷۳۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رمضان ڪيئن گذارجي؟

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!اسان کي گهرجي تہ اسان بہ هن مقدَّس مهيني کي عظيم الشان طريقي سان خوش آمديد چوڻ جي تياري شروع ڪريون، ان کي فضوليات ۽ غفلت ۾ گذارڻ بدران اخلاص سان نيڪ عمل ڪري گذاريون. فرض ۽ واجب تہ هميشہ ادا ڪرڻا آهن پر هن مهيني ۾ اسان کي انهن سان گڏوگڏ سنتن ۽ مستحبن تي بہ عمل ڪرڻ گهرجي- نفلن جي ڪثرت ڪرڻ گهرجي- هر گهڙيءَ کي ذڪر و اذڪار ۾ گذارڻ جي پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي- روزانو ڪجهہ نہ ڪجهہ تلاوتِ قرآن ڪرڻ گهرجي- خوب خوب صدقي ۽ خيرات ۾ حصو ملائڻ گهرجي- تهجد ۽ اشراق ۽ چاشت جا نفل ادا ڪرڻ گهرجن- غريبن ۽ مسڪينن جي حسبِ استطاعت مدد ڪرڻ گهرجي- رات جو جاڳي عبادت ۾ گذارڻ ۽ توبهہ ۽ استغفار جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي- درود ۽ سلام جي ڪثرت ڪرڻ گهرجي- خاص طور تي رمضان ۾ ٿيندڙ مدني ڪمن ۽ رمضان المبارڪ جي روزانو ٿِن مدني مذاڪرن ۾ شروع کان آخر تائين ڏسڻ جي ترڪيب ڪرڻ گهرجي- مدني چينل تي نشر ٿيڻ وارا فيضانِ رمضان سان مالامال سلسلا ڏسڻ جهڙين نيڪين ۾ مشغوليت جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي- مطلب تہ هن مهيني ۾ اسان کي هر ان نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ وقت گذارڻ گهرجي جنهن ۾ اللّٰه پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب، ڏکويل دلين جي طبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رِضا هجي-

اي ڪاش! جو اسان گناهگارن جي ناقص عقل ۾ بہ رمضانُ المبارڪ جي اهميت راسخ ٿي وڃي ۽ اسان بہ هن مهيني ۾ نيڪيون گڏ ڪري پنهنجو پاڻ کي جهنَّم کان نجات ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، اچو! هن عظيمُ الشَّان مهيني جي اهميت ۽ فضيلت پنهنجي دل ۾ وڌائڻ ۽ هن مهيني ۾ نيڪين جو جذبو وڌائڻ جي نِيت سان 2 ارشاداتِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌو ۽ هاڻي کان ئي نيڪيون ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو-

## بهترين مهينا

❖ ارشاد فرمايائون: توهان وٽ اهڙو مهينو آيو آهي جنهن کان بهتر ڪو مهينو مؤمنن وٽ ناهي آيو ۽ منافقن تي هن کان سخت مهينو ڪوبہ ناهي ۽ بي شڪ الله پاڪ هن جي نفلن ۽ ان جي ثواب کي شروع ٿيڻ کان پهريان لکي ڇڏيندو آهي ۽ ڪو شڪ ناهي تہ مؤمن جي اندر هن مهيني ۾ عبادت جي قوت موٽائي ويندي آهي ۽ منافق ۾ غفلت، مؤمن جي لاءِ هي مهينو غنيمت ۽ منافق جي لاءِ بوجهہ آهي- (شعب الايمان،باب في الصيام، فضائل شهر رمضان،۳۰۴/۳، حديث: ۳۶۰۷)

## ڪاش! سڄو سال رمضان ئي هجي

❖ ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن ماڻهن کي معلوم هجي ها تہ رمضان ڇا آهي تہ منهنجي امت تمنا ڪري ها تہ ڪاش! سڄو سال رمضان ئي هجي-
(ابن خزيمه،۱۹۰/۳،حديث:۱۸۸۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رمضان شريف ۽ مسلمان

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!رمضان جي شان ۽ عظمت ٻين مهينن جي مقابلي ۾ تمام گهڻي آهي، سعادت مند اسلامي ڀينرون هن مهيني جي ايندي ئي نيڪ ڪمن ۾ مشغول ٿي وينديون آهن، نماز روزي جي پابندي شروع ڪري ڏينديون آهن، شوقِ تلاوت ۽ ذوقِ عبادت وڌي ويندو آهي، صدقي ۽ خيرات سان غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪئي ويندي آهي، انفرادي ۽ اجتماعي عبادتن جو سلسلو وڌي ويندو آهي، ان جو سبب هي آهي تہ اهو ئي هي مهينو آهي جنهن ۾ عبادتن جو اَجر ۽ ثواب ڪيئي ڀيرا وڌايو ويندو آهي.

حضرتِ سيّدُنا ابراهيم نخعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: رمضان جي مهيني ۾ هڪ ڏينهن جو روزو رکڻ هڪ هزار (1000) ڏينهن جي روزن کان افضل آهي، ۽ رمضان جي مهيني ۾ هڪ ڀيرو تسبيح ڪرڻ (يعني سبحٰن الله چوڻ) هن مهيني کان علاوه هڪ هزار (1000) ڀيرا تسبيح ڪرڻ (يعني سبحٰن الله چوڻ) کان افضل آهي ۽ رمضان جي مهيني ۾ هڪ رڪعت پڙهڻ رمضان جي علاوه هڪ هزار (1000) رڪعتن کان افضل آهي- (درمنثور،۱ /۴۵۴)

افسوس جو! هن مقدس مهيني ۾ ڪجھ ناقدرين اسلامي ڀينرن جو حال هي هوندو آهي جو بخشش ۽ مغفرت سان مالا مال هن روحاني مهيني کي ٻه عام مهينن جيان موبائل ۽ انٽرنيٽ جي بي جا استعمال ۽ بازارن ۾ گُهمڻ ڦرڻ ۾ وڃائي ڇڏينديون آهن. ڀهريان جي مسلمانن ۾ رمضان ۾ عبادتون ڪرڻ جو جذبو تمام گهڻو ڀريل هو ۽ هو هن مقدَّس مهيني ۾ ڪثرت سان عبادتِ الٰهي ڪندا هئا ته جيئن وڌ کان وڌ قربِ خداوندي حاصل ڪري سگهجي- اچو! ترغيب طور هڪ ايمان افروز حڪايَت ٻڌون ٿيون ته جيئن اسان جي سُستي دور ٿئي ۽ عبادت جو ذوق ۽ شوق نصيب ٿئي- جيئن

## عبادت گذار ٻانهي

حضرت سيدُنا محمد بن ابي فَرَج رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا :مون کي رمضان جي مهيني ۾ هڪ خادمه جي ضرورت پئي جيڪا اسان کي کاڌو تيار ڪري ڏئي، مون بازار ۾ هڪ خادمه کي ڏٺو جنهن جي گهٽ قيمت ۾ ٻولي لڳائي پئي وئي، ان جو چهرو ڦڪو، بدن ڪمزور ۽ جلد خشڪ هئي- مون ان تي رحم ڪندي ان کي خريدي گهر آندو ۽ چيو: ٿانوَ وٺ ۽ رمضان جي ضروري شين جي خريداري جي لاءِ مون سان گڏ بازار هل- ته هوءَ چوڻ لڳي: اي منهنجا آقا! مان ته اهڙن ماڻهن وٽ هيس جنهن جو سڄو عرصو رمضان هوندو هو- ان جي اها ڳالهه ٻڌي مان سمجهي ويس ته هي ضرور الله پاڪ جي نيڪ ٻانهي هوندي- هوءَ رمضان ۾ سڄي رات عبادت ڪندي هئي ۽ جڏهن آخري رات آئي ته مون ان کي چيو: عيد لاءِ ضروري شين کي خريدڻ جي لاءِ اسان سان گڏجي بازار هل- ته هوءَ پڇڻ لڳي: اي منهنجا آقا! عام ماڻهن جون ضرورتون خريد ڪندين يا خاص ماڻهن جون؟ مون ان کي چيو: پنهنجي ڳالهه جي وضاحت ڪر؟ ته ان چيو: عام ماڻهن جي ضرورت ته عيد جا مشهور کاڌا آهن جڏهن ته خاص ماڻهن جي ضرورت مخلوق کان جدا ٿيڻ، خدمت جي لاءِ فارغ ٿيڻ، نفلن جي ذريعي الله پاڪ جو قُرب حاصل ڪرڻ ۽ عاجزي ۽ انڪساري ڪرڻ آهي- هي ٻڌي مون چيو: منهنجي مراد کائڻ لاءِ ضروري شيون آهن- ان وري پڇيو: کهڙو کاڌو؟ جيڪو جسمن جي غذا آهي يا دلين جي؟ ان تي مون چيو: پنهنجي ڳالهه واضح ڪر؟ ته ان مون کي ٻڌايو: جسمن جي غذا ته معروف کاڌو ۽ خوراڪ آهي جڏهن ته دلين جي غذا گناهن کي ڇڏڻ، پنهنجا عيب دُور ڪرڻ، محبوب جي

ديدار سان لُطف اندوز ٿيڻ ۽ مقصد جي حصول تي راضي ٿيڻ پر انهن شين جي لاءِ تکبر ڇڏڻ، موليٰ عَزَّوَجَلَّ ڏانهن رجوع ڪرڻ ۽ ظاهر ۽ باطن ۾ ان تي ڀروسو ڪرڻ ضروري آهي- پوءِ اها ٻانهي نماز جي لاءِ بيهي رهي، ان پهرين رکعت ۾ سڄي سوره بقره پڙهي، پوءِ سورة آلِ عمران شروع ڪئي، پوءِ هڪ سورت ختم ڪري ٻي سورت شروع ڪندي رهي ايستائين جو سوره ابراهيم جي هن آيت تائين پهچي وئي :

يَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا يَكَادُ يُسِيْغُهٗ وَيَاْتِيْهِ الْمَوْتُ
مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّمَا هُوَ بِمَيِّتٍ ؕ وَمِنْ وَّرَآىِٕهٖ عَذَابٌ غَلِيْظٌ ﴿۱۷﴾

ترجمو: سخت مشڪل سان ڍڪ ڍڪ ڪري ان کي پيئندو ۽ نڙي کان هيٺ لهڻ جي اميد ڪانہ هونديس ۽ کيس هر طرف کان موت ايندو پر مرندو ڪونہ ۽ ان جي پٺيان هڪ سخت عذاب آهي. (پ۱۳،ابراهيم:۱۷)

پوءِ اها روئيندي انهيءَ آيت جو تڪرار ڪندي رهي ايستائين جو بي هوش ٿي زمين تي ڪري پئي جڏهن مون ان کي هِلايو تہ اها وفات ڪري چڪي هئي- (حڪايتيں ۽ نصيحتيں،ص۹۰بتغير قليل)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀينرون! بيان ڪيل حڪايت مان معلوم ٿيو تہ پهريان وارا ماڻهو رمضان المبارڪ جا حقيقي قدر دان هئا جڏهن تہ بدقسمتي سان هاڻي هن مقدس مهيني جي ناقدري ڪئي ويندي آهي- ❖ پهريان وارا ماڻهو رمضان ۾ عبادت ۾ مصروف ٿي ويندا هئا جڏهن تہ هاڻي ڪيترا ئي ماڻهو عام مهينن جي مقابلي ۾ هن مهيني ۾ ڪاروبار (Business) ۾ گهڻو مصروف ٿي ويندا آهن جڻ تہ مال ڪمائڻ بلڪ مال جا ڍير لڳائڻ جو هڪ هي ئي موسم آهي، پوءِ شايد موقعو ئي نہ ملندو- ❖ پهريان وارا ماڻهو رمضان ۾ راتين جو بيدار ٿي الله پاڪ جي عبادت ڪندا هئا جڏهن تہ هاڻي هڪ تعداد رمضان جون راتيون راند روند ۾ وڃائي ڇڏيندا آهن- ❖ پهريان وارا ماڻهو رمضان جي هر هر گهڙيءَ کي نيڪين ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪندا هئا جڏهن تہ اڄ هڪ تعداد هن مهيني ۾ هر وقت پيسو ڪمائڻ جي ڌُن ۾ مگن ٿي ويندو

آهي- ❖ پهريان وارا ماڻهو رمضان اچڻ کان پهريان پنهنجي مصروفيت ختم ڪري پاڻ کي اطاعت ۽ بندگي ۾ مصروف ڪندا هئا جڏهن ته اڄ ماڻهو رمضان اچڻ کان پهريان هن مهيني ۾ مال دولت ڪمائڻ جون ترڪيبون سوچي ان تي عمل ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويندا آهن- ❖ پهريان وارا ماڻهو رمضان ۾ وڌ کان وڌ نيڪيون ڪمائڻ جي جستجو ۾ لڳل رهندا هئا جڏهن ته اڄڪلهه هن ۾ وڌ کان وڌ پيسو ڪمائڻ جي سوچ عام ٿيندي پئي وڃي- ❖ پهريان وارا ماڻهو رمضان کي پنهنجي لاءِ نيڪيون ڪمائڻ جو موسم شمار ڪندا هئا جڏهن ته اڄڪلهه رمضان کي مال ڪمائڻ جو سيزن سمجهيو ويندو آهي- ❖ پهريان وارا ماڻهو رمضان ۾ وڌ کان وڌ وقت رضاءِ الهي جي حصول ۾ گذاريندا هئا جڏهن ته اڄڪلهه هن مهيني ۾ وڌيڪ پيسا ڪمائڻ جي لاءِ اوور ٽائم لڳائڻ جو رجحان گهڻو آهي، افسوس! صد افسوس! هاڻي ته حال هي ٿي چڪو آهي جو معاذ الله رمضان جا فرض روزا به بلاعذّر شرعي ڇڏڻ جو رواج ٻڌجندو پيو وڃي- ❖ ڪجهه گرمي گهڻي ٿي ته روزو ڇڏي ڏنو- ❖ مٿي ۾ معمولي سور آهي ته روزو ڇڏي ڏنو- ❖ ٿورڙي طبيعت خراب ٿي ته روزو ڇڏي ڏنو- ❖ ڪم وڌيڪ ڪرڻو آهي ته روزو ڇڏي ڏنو- ❖ اوور ٽائم لڳائڻو آهي ته روزو ڇڏي ڏنو- ❖ ٿورو سفر ڪرڻو آهي ته روزو ڇڏي ڏنو-

يقيناً هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڪجهه خاص صورتن ۾ روزو ڇڏڻ جي اجازت آهي پر ان جو فيصلو هر هڪ نٿو ڪري سگهي بلڪ ڪنهن ماهر مفتي صاحب کان پنهنجي محرم جي ذريعي شرعي رهنمائي وٺي ئي روزو ڇڏڻ جو فيصلو ڪري سگهي ٿو پر پنهنجي مرضي سان پاڻ ئي فيصلو ڪري روزو ڇڏي ڏيڻ ڪٿان جي عقلمندي آهي؟ **پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** الله پاڪ جا نيڪ ٻانها رمضان جا ايتري قدر شيدائي هوندا هئا جو گهٽ عمر ۾ به سخت گرمي ۾ بک اڃ برداشت ڪري روزو رکندا هئا ۽ پوءِ ان کي پورو ڪرڻ جو به اهتمام فرمائيندا هئا- اچو! انهيءَ ضِمن ۾ هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌو ۽ پنهنجي اندر روزو رکڻ جو حرص پيدا ڪريو-

## اعليٰ حضرت جو روزو کولرائڻ جي تقريب

اعليٰ حضرت،امامِ اهلِسنت مولانا امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي روزي ڪشائي جي تقريب جو احوال بيان ڪندي مولانا سيد ايوب علي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی

عليه فرمائن ٿا تہ رمضان مبارڪ جو مقدس مهينو آهي ۽ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي پهرين روزي ڪولرائڻ جي تقريب آهي، ڪاشانہَ اَقدس ۾ جتي اِفطار جو بين گهڻن قسمن جو سامان آهي- هڪ محفوظ ڪمري ۾ڪيرڻي جا پيالا بہ ڄمائڻ جي لاءِ رکيا ويا هئا. گهڻي گرمي جو وقت آهي تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جا والدِ ماجد (رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه) سندن کي ان ڪمري ۾ وٺي وڃن ٿا ۽ دروازو بند ڪري ڪير جو هڪ پيالو ڪڍي ڏين ٿا تہ ان کي کائي وٺو- پاڻ (رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه) عرض ڪن ٿا: منهنجو تہ روزو آهي ڪيئن کاوان؟ ارشاد ٿيو: ٻارن جو روزو اهڙو ئي هوندو آهي، وٺ کاءُ، مون دروازو بند ڪيو آهي، ڪير ڏسڻ وارو بہ نہ آهي- پاڻ (رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه) عرض ڪن ٿا: جنهن جي حڪم سان روزو رکيو آهي، اهو تہ ڏسي رهيو آهي هي ٻڌندي ئي سندن رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي والدِ ماجد (رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه) جي مبارڪ اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ ڪمرو کولي ٻاهر اچي ويا- (حياتِ اعليٰ حضرت،۶۵/۱)

اُس کی ہستی میں تھا عمل جوہر، سنّتِ مصطفٰے کا وہ پیکر

عالمِ دین، صاحبِ تقویٰ، واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ٻڌو تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ننڍپڻ کان ئي ڪيتري قدر سمجهدار هئا، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ننڍپڻ کان ئي ڪيتري قدر دين دار، شريعت جا پابند هئا، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ننڍپڻ کان ئي ڪيتري قدر عاشقِ رمضان هئا، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ننڍپڻ کان ئي ڪيتري قدر، خوفِ خدا رکڻ وارا هئا-

اهڙي طرح محبوبِ سبحاني، غوثِ صمداني، شهبازِ لامڪاني سَيدُنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي وِلادَت يڪم رمضان ۾ ٿي ۽ پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه پهرين ڏينهن ئي کان روزا رکڻ شُروع ڪري ڏنا-

جيئن حضور غوثِ اعظم رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي امڙ سائڻ حضرت سَيدَتُنا اُمُّ الخَير فاطمہ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡها فرمائن ٿيون: جڏهن منهنجو پٽ عبدُالقادِر پيدا ٿيو تہ هو رَمَضانُ المُبارَڪ ۾ ڏينهن جي وَقت منهنجو کير نہ پيندو هو، اڳئين سال

رَمَضان جو چنڊ ڪڪرن جي ڪري نظر نہ آيو تہ ماڻھو مون وٽ معلوم ڪرڻ آيا تہ مون چيو تہ ”منهنجي پٽ کير ناهي پيتو- “پوءِ ماڻهن ان مان مَعلُوم ڪري ورتو تہ اڄ رَمَضان جو ڏينهن آهي ۽ اسان جي شهر ۾ اها ڳالهہ مَشهور ٿي وئي تہ سَيدن ۾ هڪ ٻار پيدا ٿيو آهي جيڪو رَمَضانُ المُبارَڪ ۾ ڏينهن جي وقت کير ناهي پيئندو- (بهجة الاسرار،ذکرنسبه وصفته ،ص١٧٢)

غوثِ اعظم مُتَّقِی ہر آن میں
چھوڑا ماں کا دُودھ بھی رَمضان میں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## شانِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! غور ڪريو! عام ٻار ولادت کان پوءِ بہ ڪيئي ڪيئي سال تائين بي شعوري جي زندگي گذارين ٿا پر اسان جي غوث پاڪ جو شان اهو هو جو الله پاڪ سندن کي اهو شعور (wisdom/ sense) عطا فرمايو هو جو پيدا ٿيندي ئي روزو رکي ورتو- اسان جي غوثِ پاڪ جو شان اهو هو جو پنج (5) سال جي عمر ۾ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ پڙهڻ جي رسم ادا ڪئي وئي تہ پاڻ تَعَوُّذْ (اَعُوْذُ بِاللّٰه مِنَ الشَّيطٰنِ الرَّجِيم) ۽ تَسْمِيہ (بِسْمِ الله الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم) کان پوءِ 18 سيپارا زباني ٻڌائي ڇڏيا ۽ فرمائڻ لڳا: منهنجي امڙ (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا) کي بہ ايترو ئي ياد هو، هوءِ پڙهندي هئي تہ مون ٻڌي ياد ڪري ورتا- (رساله منّے كي لاش،ص۴) اسان جي غوثِ پاڪ جو شان اهو هو جو پاڻ 40 سال (Forty years)تائين عشاء جي وضو سان فَجر جي نماز ادا فرمائي، پاڻ جو معمول هو تہ جڏهن بي وضو ٿيندا هئا تہ انهيءِ وقت وضو فرمائي 2رڪعت نماز نفل پڙهندا هئا- (بهجة الاسرار،ذكرطريقه ، ص ١۶۴) اسان جي غوثِ پاڪ جو شان اهو هو جو پاڻ تمام گهڻي عبادت و رِياضت ۽ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارا هئا، پندرهن (15) سالن تائين سڄي رات ۾ هڪ قرآنِ پاڪ ختم ڪندا رهيا- (بهجة الاسرار، ذكرفصول من كلامه... الخ،ص١١٨ملخصاً) ۽ روزانو هڪ هَزار (1000)رَڪعَت نفل ادا ڪندا هئا- (غوث پاک کے حالات، ص٣٢) اسان جي غوثِ پاڪ جو شان اهو هو جو پاڻ تيرهن (13)عُلوم ۾ بيان ڪندا هئا، سندن مدرسي ۾ ماڻهو غوثِ پاڪ کان تفسير، حديث ۽ فقہ وغيره پڙهندا هئا، منجهند کان پهريان ۽ بعد ٻنهي وقت ماڻهن کي تفسير، فقهہ، ڪلام، اصول ۽ نَحو

پڑهائيندا هئا ۽ ظهر کان بعد تجويد ۽ قراءت سان گڏ قرآنِ ڪريم پڑهائيندا هئا. (بهجة الاسرار، ص۲۲۵ ملخصاً ) اسان جي غوثِ پاڪ جو شان اهو هو جو سندن ڪرامت واري هٿن تي 500 کان وڌيڪ غير مسلمانن اسلام قبول ڪيو ۽ هڪ لک کان وڌيڪ ڌاڙيلن، چورن، فاسقن ۽ وڏن وڏن گناهه ڪرڻ وارن توبهه ڪئي. (بهجة الاسرار،ذکروعظه،ص۱۸۴)

اسان جي غوث پاڪ جو شان اهو هو جو پاڻ علم جا سمنڊ هئا، شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه چا نه خوب فرمائن ٿا:

نائبِ احمدِ مختار ہیں غوثِ اعظم اور سب ولیوں کے سردار ہیں غوثِ اعظم

میرے مرشد مری سرکار ہیں غوثِ اعظم میرے رہبر مرے غمخوار ہیں غوثِ اعظم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!الله پاڪ اسان کي بزرگن ۽ خاص ڪري سرڪارِ غوث اعظم جي فيضان سان مالا مال فرمائي. سندن ولادت رمضان جي پهرين تاريخ تي ٿي، انهيءَ مناسبت سان اسان سندن جو ذڪرِ خير به ڪيو.

## امام يوسف بن اسمٰعيل نبهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ذڪر

هڪ ٻيو الله جو ولي، زبردست عالم، تمام وڏو محدث، چوڏهين صديءَ جو شيخ ڪامل، عاشقِ رسول حضرت سيدنا شيخ امام يوسف بن اسمٰعيل نبهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو يوم وصال 2 رمضان آهي، الله پاڪ انهن جي فيض ۽ برڪتن سان به اسان کي مالا مال فرمائي. حضرت سيدنا امام يوسف بن اسمٰعيل نبهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سفيد ڏاڙهي وارا نوراني بزرگ هئا. ❖ امام نبهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي دور جي هم عصرن ۾ ڪيئي سڀني جي ڪري ممتاز هئا، ❖ امام نبهاني عظيم ليکڪ اديب هئا، ❖ امام نبهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سنتِ نبوي جا عاشق ۽ عشقِ مصطفٰي جي حقيقي تصوير هئا، ❖ امام نبهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سٺ کان به وڌيڪ علمي ۽ فڪري ڪتابن جا مصنف ۽ قادر الڪلام شاعر هئا، ❖ امام نبهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو وصال 1350 هجري ۾ ٿيو ۽ سندن کي اباڻي ڳوٺ ۾ دفن ڪيو ويو. (جامع کراماتِ او لياء، ص تا ۶۸)
الله ڪريم پنهنجي نيڪ ٻانهن جي صدقي اسان کي به نيڪ بڻائي.آمين

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هلندڙ دور ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مهڪندڙ مدني ماحول ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي. هن مدني ماحول ۾ جتي فرض ۽ واجب تي عمل جي ترغيب ڏياري ويندي آهي اتي ئي بزرگانِ دين جو ادب ۽ احترام دل ۾ رکڻ جي به تعليم ڏني ويندي آهي. اوهان به دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهو ۽ جيترو ٿي سگهي ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن ۾ عملي طور شرڪت جي سعادت حاصل ڪنديون رهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اعتڪاف جون برڪتون ماڻيو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان ماهِ رمضان جو استقبال ۽ ان جو اڪرام(عزت ۽ احترام) ڪرڻ جي متعلق ٻڌي رهيون هيون سين، ماهِ رمضان جو اڪرام(عزت ۽ احترام) ڪرڻ ۽ ان جون برڪتون حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو اعتڪاف ڪرڻ به آهي. اعتڪاف ڪرڻ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنت آهي. هڪ ڀيري حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پوري ماهِ رمضان جو به اعتڪاف ڪيائون. جيئن ته

حضرت سيدنا ابو سعيد خدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي: هڪ ڀيري حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پهرين 1 رمضان کان 20 رمضان تائين اعتڪاف ڪرڻ کان پوءِ ارشاد فرمايائون: مون شبِ قدر جي تلاش جي لاءِ رمضان جي پهرين عشري جو اعتڪاف ڪيو، پوءِ درمياني عشري جو اعتڪاف ڪيو، پوءِ مون کي ٻڌايو ويو ته شبِ قدر آخري عشري ۾ آهي، تنهنڪري توهان مان جيڪو شخص مون سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ چاهي اهو ڪري وٺي. (مسلم، کتاب الصیام،ص۴۵۷،حدیث۲۷۶۹)

## اعتڪاف جون برڪتون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٿي سگهي ته اسان پاڻ به پنهنجي گهرن ۾ اعتڪاف جي ترڪيب ٺاهيون. هن مهيني ۾ اعتڪاف جا ڪوڙ فائدا آهن. ❖ اعتڪاف جي برڪت سان درست نماز پڙهڻ سکي سگهجي ٿي. ❖ اعتڪاف جي برڪت سان گناهن کان بچي سگهجي ٿو❖ اعتڪاف جي برڪت سان نمازن جي پابندي نصيب ٿيندي آهي. ❖ اعتڪاف جي برڪت سان هر وقت نماز جي انتظار جو ثواب حاصل ڪري سگهجي ٿو ❖ اعتڪاف جي برڪت سان عبادت ڪرڻ جا ڪيترا ئي موقعا ملندا آهن. ❖ اعتڪاف جي برڪت سان عاشقانِ رسول سان گڏ اٿڻ ويهڻ نصيب ٿيندو آهي. ❖ اعتڪاف جي

برڪت سان نيڪ ماڻهن جي صحبت نصيب ٿيندي آهي ❖ اعتڪاف جي برڪت سان نيڪين ڀريو ماحول ملي ويندو آهي ❖ اعتڪاف جي برڪت سان مسجد ۾ دل لڳائڻ جي عادت بڻجندي آهي ❖ اعتڪاف جي برڪت سان شبِ قدر نصيب ٿيندي آهي ❖ اعتڪاف جي برڪت سان تراويح ۾ شرڪت آسان ٿي ويندي آهي ❖ اعتڪاف جي برڪت سان پنهنجي عملن جو حساب ڪتاب ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيندو آهي ❖ اعتڪاف جي برڪت سان دل کي قرار ۽ سڪون نصيب ٿيندو آهي ❖ اعتڪاف جي برڪت سان آئنده زندگيءَ ۾ گناهن کان بچڻ جو جذبو پيدا ٿيندو آهي ❖ اعتڪاف جي برڪت سان آئنده زندگي شريعت جي مطابق گذارڻ جو ذهن بڻجندو آهي. ❖ الغرض عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي تحت ڪيو ويندڙ اعتڪاف دين ۽ دنيا جي ڪيترن ئي فائدن جو سبب بڻجي سگهي ٿو. تنهنڪري ماهِ رمضان المبارڪ جون خوب برڪتون ماڻڻ، بيشمار نيڪيون ڪرڻ جي لاءِ پاڻ بہ گهرن ۾ اعتڪاف ڪيو ۽ پنهنجي محرمن کي بہ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ واري پوري ماهِ رمضان يا آخري عشري جي اعتڪاف جي ترغيب ڏيو.

اچو! اعتڪاف ڪرڻ جي فضيلتن تي بہ حديث سڳوريون ٻڌون ٿيون:

فرمايائون: مَنِ اعْتَكَفَ فِيْ رَمَضَانَ يعني جنهن رمضان المبارڪ ۾ (ڏهن ڏينهن جو) اعتڪاف ڪري ورتو كَانَ كَحَجَّتَيْنِ وَعُمْرَتَيْنِ اهو ائين آهي ڄڻ بہ حج ۽ بہ عمره ڪيائين.
(شعب الايمان،۳/ ۴۲۵، حديث۳۹۶۷ ملخصاً )

فرمايائون: مَنِ اعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَّاحْتِسَابًا يعني جنهن شخص ايمان سان گڏ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو غُفِرَلَهٗ مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ ان جا تمام پٺيان گناهہ بخشيا ويندا.
(جامع صغير ص۵۱۶،حديث۸۴۸۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهہ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿي- تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو- (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،۵۵/۱،حديث:۱۷۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## روزي جي نيت جا مدني گل

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!اچو! ماهِ رمضان ۽ ان ۾ روزي رکڻ جي فضيلتن جي متعلق ڪجهہ مدني گل ٻڌون ٿيون:

پهريان ٻہ فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمايو: فرمايائون: (1) روزو عبادت جو دروازو آهي. (الجامع الصغيرص١٤٦حديث٢٤١٥) (1) فرمايائون پنج ئي نمازون، ۽ جمعو ايندڙ جمعي تائين ۽ ماهِ رمضان ايندڙ ماهِ رمضان تائين گناهن جو ڪفارو آهن جيستائين ڪبيره گناهن کان بچو وڃي. (صحيح مسلم ص ١٤٤حديث٢٣٣) روزو باطني عبادت آهي، ڇو جو اسان جي ٻڌائڻ جي بغير ڪنهن کي اهو علم نہ ٿو ٿي سگهي تہ اسان جو روزو آهي ۽ الله پاڪ باطني عبادت کي گهڻو پسند فرمائيندو آهي. (فيضانِ رمضان، ص٨٤٨) هر مهيني ۾ خاص تاريخون ۽ تاريخن ۾ بہ خاص وقت ۾ عبادت ٿيندي آهي. مثال طور عيد الاضحيٰ جي چند (مخصوص) تاريخن ۾ حج، محرم جي ڏهين تاريخ افضل، پر ماهِ رمضان ۾ هر ڏينهن ۽ هر وقت عبادت ٿيندي آهي. روزو عبادت، افطار عبادت، افطار کان بعد تراويح جو انتظار عبادت تراويح پڙهي ڪري سحري جي انتظار ۾ سمهڻ عبادت، پوءِ سحري ڪرڻ بہ عبادت الغرض: هر لمحي ۾ الله پاڪ جو شان نظر اچي ٿو. (فيضانِ رمضان، ص٨٦٠) رمضان هڪ ڀٺي آهي جيئن ڀٺي گندي لوهہ کي صاف ۽ صاف لوهہ کي مشين جو پرزو بڻائي قيمتي ڪري ڇڏيندي آهي ۽ سون کي زيور بڻائي استعمال جي لائق ڪري ڏيندي آهي، ائين ئي ماهِ رمضان گنهگارن کي پاڪ ڪندو ۽ نيڪ ماڻهن جا درجا وڌائيندو آهي. (فيضانِ رمضان، ص٨٦١) رمضان ۾ کائڻ پيئڻ جو حساب ناهي. قيامت ۾ رمضان ۽ قرآن روزيدار جي شفاعت ڪندا جو رمضان تہ چوندو: مولي! مون هن کي ڏينهن ۾ کائڻ پيئڻ کان روڪيو هو ۽ قرآن عرض ڪندو تہ يا ربّ! مون هن کي رات ۾ تلاوت ۽ تراويح جي ذريعي سمهڻ کان روڪيو. قرآن ڪريم ۾ صرف رمضان شريف ئي جو نالو ورتو ويو ۽ انهيءَ جا فضائل بيان ٿيا. ڪنهن ٻي مهيني جو نہ صراحةً نالو آهي نہ اهڙا فضائل. (فضائل رمضان، ص٨٦٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

## اعلان

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ جي سبب دنيا جو نظام درست رهندو آهي. ۽ نيڪيءَ جي دعوت ترڪ ڪرڻ جي سبب فساد پيدا ٿي ويندو آهي. ماڻهو ان وقت تائين ڀلائي تي رهندا جيستائين نيڪيءَ تي هلندا ۽ ان جي دعوت ڏيندا رهندا ۽ برائيءَ کان رڪيل رهندا ۽ ان کان منع ڪندا رهندا. (نيڪيءَ جي دعوت جا فضائل ص 16) اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ!
هر.....جو ......مقام کان..... وڳي اسلامي ڀينرون مدني دوري جي لاءِ روانه ٿينديون آهن. اوهان به نيت ڪريو ته مدني دوري ۾ ضرور شرڪت ڪنديون سين اِنْ شَآءَاللّٰہ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! قرآن مجيد جيڪو رب پاڪ جو ڪلام آهي جنهن تي دينِ اسلام جي احڪام جو دارَ و مدار آهي. اهڙو مبارڪ ڪلام جنهن جو نه صرف پڙهڻ عبادت آهي بلڪ ان جي ته زيارت ڪرڻ به عبادت آهي.
پياريون اسلامي ڀينرون! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ يڪم رمضان کان"فيضانِ تلاوتِ قرآن" ڪورس جي ترڪيب .....مقام تي......وڳي کان......وڳي تائين ٿيندي ته اڄو نيت ڪريو ته فيضانِ تلاوتِ قرآن سان فيضياب ٿيڻ جي لاءِ پاڻ به شرڪت ڪنديون سين ۽ ٻين کي به شرڪت جي ترغيب ڏياريديون سين اِنْ شَآءَاللّٰہ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! حضرت سيدنا امِ سلمه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون ته آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: عورت جو پنهنجي گهر ۾ نماز پڙهڻ گهر جي احاطي ۾ نماز پڙهڻ کان بهتر آهي. ۽ ان جو احاطي ۾ نماز پڙهڻ، صحن ۾ نماز پڙهڻ کان افضل آهي ۽ صحن ۾ نماز پڙهڻ گهر کان ٻاهر نماز پڙهڻ کان افضل آهي.(کتاب جنت میں لے جانے والے اعمال، ص102) پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان جو هڪ مدني انعام به مسجدِ بيت ۾ نماز ادا ڪرڻ وارو آهي. ۽ پنهنجي گهر ۾ ڪنهن جڳهه کي خاص ڪري اتي نماز ادا ڪريو ته هي مخصوص جڳهه ئي توهان جي مسجدِ بيت بڻجي ويندي. پوءِ اڄو نيت ڪري وٺون ٿيون ته رمضان المبارڪ ۾ صلوٰت التسبيح ۽ تراويح وغيره گهر ۾ مسجدِ بيت ۾ ئي ادا ڪنديون سين.اِنْ شَآءَاللّٰہ

تمام ذميدار اسلامي ڀينرون هي نيت بہ فرمائن تہ ماهِ رمضان جي برڪتن ڪي ماڻڻ جي لاءِ هفتہ وار مدني دوري ۾ لازمي شرڪت ڪنديون سين.
تمام ذميدار اسلامي ڀينرون هي نيت بہ فرمائن تہ هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ پابنديءَ سان شرڪت ڪنديون سين جو جيڪڏهن اسان پابنديءَ سان هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪنديون سين تہ سنيون سنيون ڳالهيون سڪنديون رهنديون سين. اِنْ شَآءَاللّٰه

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي ڪم و ٻيش 107 شعبن ۾ ملڪ و بيرونِ ملڪ ۾ دين جي خدمت جي ڪوشش ڪري رهي آهي جڏهن تہ حالات اهڙا آهَن جو اڄ گناهن ڪي ڦيلائڻ ۾ گهڻو مال خرچ ڪيو پيو وڃي، اچو اسان گناهن ڪي روڪڻ ۽ دين ڪي ڦيلائڻ جي لاءِ پنهنجو مال خرچ ڪرڻ جو عزم ڪريون .

## هفتہ وار سنتن ڀريو اجتماع

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هزارين مقامن تي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جا هفتہ وار سنتن ڀريا اجتماع ٿيندا آهن، جن ۾ هر هفتي لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون شرڪت ڪري علمِ دين حاصل ڪندا آهن، صرف پاڪستان ۾ اسلامي ڀائرن جا 529 جڏهن تہ اسلامي ڀينرن جا 6501 هفتہ وار اجتماع ٿيندا آهن - فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جيڪو الله پاڪ جي رضا خاطر صدقو ڪري تہ اهو(صدقو) ان جي ۽ باهہ جي وچ ۾ پردو بڻجي ويندو آهي - (شُعَبُ الايمان، باب في الزكاة،التحريض علي صدقة التطوع،۳/۲۱۴، حديث:۳۳۵۳)
ملڪ ۽ بيرون ملڪ دعوت اسلامي جي تحت هلڻ وارا مدارس المدينہ، جامعاة المدينہ ۽ ٻين شعبن جي سمورن خرچن جي لاءِ پنهنجي مدني عطيات(چندي) سان تعاون فرمايو ۽ ثوابِ جاريہ جون حقدار بڻجي وڃو.
نيت ڪريو تہ پنهنجا تمام واجب ۽ نفلي صدقا(زڪوٰة، صدقو، خيرات وغيره) عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي کي ڏينديون سين اِنْ شَآءَاللّٰه

الله تعالٰي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ
سيئي اسلامي ڀينرون هي پمفلٽ”ماهِ رمضان ۾ گناهہ ڪرڻ واري جي قبر جو ڀيانڪ منظر“ مڪتبة المدينہ کان وڌيڪ تعداد ۾ نہ تہ گهٽ مان گهٽ 12 يا حسبِ توفيق خريد ڪري تقسيم فرمايو، ۽ پنهنجي گهر ۾ ظاهري جڳهہ تي لڳايو. هن جي برڪت سان گناهن کان بچڻ جو ذهن بڻجندو. اِنْ شَآءَاللّٰه
اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ماهِ رمضان المبارڪ ۾ شيخ طريقت اميراهلسنت بعدِ نماز

عصر ۽ تراويح کان پوءِ مدني مذاڪري جي لاءِ وقت عطا فرمائيندا آهن جيڪو مدني چينل تي براءِ راست ڏيکاريو ويندو آهي سيني اسلامي ڀينرن کي التجاء آهي ته لازمي هنن ٻنهي مدني مذاڪرن ۾ پاڻ ٻه شرڪت ڪن بلڪ گهر جي ٻين ڀاتين کي ٻه اهتمام سان هنن مدني مذاڪرن کي ڏيکارڻ جي ترڪيب ٺاهن. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ علم ۽ حڪمت جا بيشمار موتي ملندا.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! آئنده هفتيوار اِجتماع جي بيان جو موضوع هوندو " ٻارن تي مصطفٰي ڪريم جي شفقت"حضورِاڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻارن سان ڪيتري قدرمحبت ۽ شفقت جو ورتاءُ ڪندا هئا، هن باري ۾ ڪجھ حڪايتون ۽ روايتون بيان ڪيون وينديون. ٻارن سان ڪهڙي طرح جو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي، هن باري ۾ ٻه ڪجھ مدني گل بيان ڪيا ويندا. ٻارن جي تربيت جي اهميت ۽ ان ۾ ڪهڙين ڳالهين جو لحاظ رکڻ گهرجي، اهو ٻه بيان ڪيو ويندو. تنهنڪري! آئنده اربع ٻه اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ انفرادي ڪوشش ڪري ٻين کي ٻه گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد